عبدالغفور چانڊيو(مصور حسين)

# منير احمد مانڪ جي خودڪشي :نفسياتي ڇنڊڇاڻ
# Suicide of Munir Ahmed Manik: Psychological Analysis

**_Abstract:_**
*Suicide is an act by which a person ends his life after killing himself in different ways. In ancient times, it was a common issue in society, but in the modern era, it has been turned into a burning issue in every country. Latest research studies state that the ratio of suicides has increased worldwide. Developing and backward countries of the world are facing this issue, which causes the deaths of 700,000 people per year. According to the research of the WHO, suicide is the fourth leading cause of death in 15–19-year-olds and 77% of global suicides occur in low- and middle-income countries. Why do people indulge in taking this step? The main reasons for taking a step are depression, unemployment, failure to love, fear of insecurity ,injustice, domestic affairs, debt matters ,not finding a place in society and so on.*

*It has been seriously observed that most writers are also inducted to take this step. Several writers chose this step to get rid of issues by killing themselves. A few examples are quoted from international literature, such as: Ernest Hemingway, Virginia Woolf, Edgar Allan Poe, Mayakovsky, and many renowned authors became the killers of their own lives. Munir Ahmed Manik, one of the prominent writers of the Sindhi language, also committed suicide. In Sindhi short stories and novels, he was the trend-setter and representative of modernism. Why did he turn off the lamp of his own life? What would the reasons be behind his suicide? In this paper, the writer is trying his best to investigate the reasons why Munir Ahmed Manik was compelled to take action by committing suicide.*

خودڪشي يا آپگهات هڪ اهڙو عمل يا لاڙو آهي،جنهن ذريعي ماڻهو بيروزگاري، عشق ۾ ناڪامي،پسند جي شادي نہ ڪرائڻ، ذهني ۽ نفسياتي مونجهاري، گهريلو معاملن،قرض،صحت جي خراب صورتحال،معذوري ۽ ٻين

---

• ليڪچرر، ڪيڊٽ ڪاليج، لاڙڪاڻو.

مسئلن ۾ ڦاسي پنهنجي زندگيءَ جو پاڻ ئي انت آڻيندو آهي. هن عمل لاءِ سنڌيءَ ۾ آپگهات، خودڪشي ۽ پاڻ مارڻ جا لفظ استعمال ڪيا ويندا آهن. جڏهن ته انگريزي ۾ هن لاءِ suicide جو لفظ ڪتب ايندو آهي.آڪسفورڊ ڊڪشنري مطابق:
“suicide.inclined to commit suicide, 2. Of or concerning suicide, 3. Self destructive fatally or disastrously rash, suicide… a the intentional killing of oneself.” (oxford ,dictionary of current English. 1990. P 1220)

خودڪشي کي عام طور تي نفسياتي مونجهارن يا سماجي مسئلن جو نتيجو ئي سمجهيو ويندو آهي. ڪٿي ڪٿي اها معاشي مسئلن جي حل نه ٿيڻ جي صورت ۾ به ظاهر ٿئي ٿي پر معاشي مسئلو پڻ سماجي مسئلن جي دائري هيٺ اچي وڃي ٿو.هڪ رپورٽ موجب دنيا ۾ هر سال لڳ ڀڳ ست لک ماڻهو خودڪشيءَ ذريعي پنهنجي زندگيءَ جو پاڻ ئي انت آڻيندا آهن.جڏهن ته اهڙن مري ويل ماڻهن جي گهڻائي اڪثر ڪري پاڻ کي گولي هڻي، ڦاهو کائي،ريل يا بس آڏو پاڻ اڇلائي، زهريليون دوائون يا گهڻي تعداد ۾ ننڊ يا نشي واريون گوريون کائي،عمارتن تان ٽپو ڏئي يا کوهه ۾ پاڻ اڇلائي پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيندي آهي.دنيا ۾ شايد ئي اهڙو ڪو ملڪ هجي جتي هن قسم جا واقعا پيش نه ايندا هجن.ها البته پنتي پيل ۽ ترقي يافته ملڪن ۾ اهڙن واقعن جا انگ اکر مختلف ضرور ٿي سگهن ٿا پر مجموعي طور آپگهات هڪ اهڙو عمل آهي جيڪو امير به ڪري سگهي ٿو ته غريب به يعني هي صرف غريب ماڻهن يا ڏتڙيل ملڪن جو مسئلو ڪونهي پر امير ملڪن لاءِ به مٿي جو سور بڻيل آهي. سڌريل ملڪن ۾ آپگهات جي وڌندڙ رجحان ۽ ان جي روڪٿام لاءِ ڪيترائي ادارا ناهيا ويا آهن،جتي خودڪشي طرف لاڙو رکندڙ ماڻهن جو نفسياتي علاج ڪرڻ کان سواءِ اهي سبب ڳولهڻ جو ڪم ڪيو ويندو آهي،جنهن ڪري ماڻهو پنهنجي زندگي پنهنجي هٿن سان وڃائڻ وارو ڪنن ڪم سرانجام ڏئي ٿو. ان ڏس ۾ هڪ رپورٽ مطابق صرف آمريڪا اندر 1960ع کان اڳ اهڙا 3 سينٽر ناهيا ويا هئا، 1967ع تائين آمريڪا جي مختلف رياستن ۽ شهرن ۾ اهڙا 40 سينٽر ڪم ڪرڻ لڳا. جتي ان موضوع تي تحقيق کان سواءِ خودڪشي طرف لاڙو رکندڙ ماڻهن جو علاج پڻ ڪيو ويو،پر ان جي ڀيٽ ۾ اسان وٽ صورتحال گهڻي قدر مختلف آهي. وڏي ڳڻتي جهڙي ڳالهه آهي ته اسان وٽ هر سال وڏي انگ ۾ اهڙا واقعا پيش اچڻ باوجود ڪو هڪڙو اهڙو ادارو نه ٺهي سگهيو آهي،جتي ان موضوع بابت تحقيق جو ڪم ٿي سگهي. پاڪستان جهڙي پٺتي پيل ملڪ ۾ اهڙا تحقيقي مرڪز نهڻ ته پري جي ڳالهه آهي پر نفسياتي ماهرن ۽ ڊاڪٽرن جي به سخت ڪوٺ آهي. هڪ

اخباري رپورٽ موجب "پاڪستان ۾ هر سال اٽڪل 3 لک ماڻهو آپگهات جي ڪوشش ڪن ٿا،جڏهن ته 20 ڪروڙ کان وڌيڪ آباديءَ جي لاءِ صرف 342 نفسياتي ماهر موجود آهن." (روزاني ڪاوش.10 آڪٽوبر 2018ع)

آپگهات جو رجحان بحرانن جي ور چڙهيل ملڪن ۽ سماجن ۾ گهڻو نظر ايندو آهي. اهڙن سماجن ۾ ماڻهن جا نفسياتي ۽ سماجي مسئلا حل نه ٿيڻ سبب آپگهات جي انگ ۾ واڌارو ٿي ويندو آهي. هڪ رپورٽ موجب سراسري طور 79 سيڪڙو خودڪشيءَ جا واقعا غريب ملڪن ۾ ٿين ٿا جتي عوام کي روزگار،صحت ۽ تعليم جون سهولتون ميسر نه آهن. جيئن ته سنڌي سماج پڻ گذريل ڪيترن سالن کان سياسي،سماجي ۽ معاشي بحران جو شڪار رهندو آيو آهي، تنهن ڪري اهڙن واقعن ۾ به گهڻي واڌ آئي آهي. رئوف نظاماڻي چواڻي:

"گذريل ڪجهه عرصي کان خودڪشي يا آپگهات جو لاڙو اسانجي سماج ۾ گهڻو وڌي ويو آهي.اهو لاڙو انهن سماجن ۾ گهڻو نظر ايندو آهي جيڪي بحرانن ۾ ورتل هوندا آهن ۽ جتي فرد کي پنهنجي نفسياتي ۽ سماجي مسئلن جو ڪو حل نظر نه ايندو آهي." (نظاماڻي. 2003ع. ص 49)

ڊاڪٽر صفيه عباد جنهن اردو ٻوليءَ ۾ اديبن ۾ خودڪشي واري لاڙي جي موضوع تي پي ايچ ڊي ڪئي آهي، تنهن خودڪشيءَ جا ڪيترائي قسم ڄاڻايا آهن. اهڙيءَ طرح هن خودڪشي جا ڪارڻ به ڪيترائي ٻڌايا آهن، جن مان زندگيءَ ۾ بوريت،مايوسي،غربت، بيروزگاري ۽ زندگيءَ جي بي معنائي اهم آهن. آپگهات هڪ اهڙو عمل آهي جنهن ذريعي مرڻ وارو ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جو ته پاڻ انت آڻي ڇڏيندو آهي پر ٻين جي زندگيءَ تي به ان واقعي جا گهرا اثر پوندا آهن. مثال طور هڪ ماڻهو جيڪو ٻارن ٻچن جو پيءُ آهي سو بيروزگاري ۽ غربت سبب پاڻ ماري ٿو وجهي ته سندس ڪنيل ان خراب قدم جو نتيجو سندس گهرواريءَ توڙي معصوم ٻارڙن کي به ڀوڳڻو پوي ٿو. ساڳئي نموني هڪ نوجوان جيڪو پوڙهي پيءُ ماءُ جو آخري سهارو آهي سو شادي،مڱڻي يا ڪنهن ٻئي معاملي تي جوانيءَ ۾ ئي آپگهات ڪري ٿو ڇڏي ته يقيني طور سندس اهو عمل سندس والدين جي لاءِ تمام گهڻي ڪرب ڏيندڙ ثابت ٿيندو.

ماهرن مطابق آپگهات جو سڀ کان اهم سبب ڊپريشن آهي. اڪثر واقعن ۾ ڏٺو ويو آهي ته ذهني دٻاءَ ڪري ئي ماڻهو پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻي ٿو. هڪ اخباري رپورٽ موجب "80 سيڪڙو آپگهات ڪندڙ ماڻهو ڊپريشن جو شڪار هجن ٿا. 7 کان 15 سيڪڙو نشي جا عادي ۽ 10 سيڪڙو ٻين مختلف بيمارين ۾ مبتلا هجن ٿا. ان حوالي سان سماجيات جي ماهر تنوير جوڻيجو جو خيال آهي ته

سماج ۾ ناانصافين ۽ محرومين جي ڪري پاڻ مارڻ جا واقعا وڌن ٿا.“ (روزاني ڪاوش.10 سيپٽمبر 2018ع)

خودڪشي يا آپگهات بابت عام راءِ آهي تہ هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ هڪ موڙ اهڙو ايندو آهي جڏهن هو مايوسيءَ جي ور چڙهي خودڪشيءَ بابت سوچ ويچار ڪندو آهي.هن عمل بابت اڪثر اهو بہ چيو ويندو آهي تہ اهو بزدلي ۽ پاڙيائپ وارو عمل آهي،لهذا ماڻهو کي حالتن سان مڙس ٿي منهن ڏيڻ گهرجي ۽ زندگيءَ مان مايوس هرگز نہ ٿيڻ گهرجي. دنيا جي وڏن وڏن دانشورن ۽ ليکڪن انسان سان لاڳاپيل هن اهم مسئلي تي ڪيترائي تحقيقي ڪتاب لکيا آهن،جن ۾ ماڻهوءَ جي نفسياتي ۽ سماجي مونجهارن جي سبب ۽ ان جي حل تي روشني وڌي وئي آهي. ماهرن جو خيال آهي تہ آپگهات واري سوچ ماڻهوءَ ۾ هوريان هوريان ۽ خاموشي سان جنم وٺندي آهي،پر ان جو نتيجو اوچتو ئي اوچتو نڪرندو آهي. مشهور مفڪر البرٽ ڪاميو چواڻي:

”خودکشی کا عمل آرٹ کی طرح خاموشی سے دل میں پیدا ھوتا ھے جس سے خودکشی کرنے والا خود بھی غافل رھتا ھے۔اچانک ایک شام ٹریگر کھینچتا ھے یا کسی اونچی عمارت سے نیچے جمپ لگا دیتا ھے یا اچانک کسی ھر میں کود جاتا ھے یا زھر کی گولیاں نگل لیتا ھے۔“ (کامیو۔2013ء۔ص14)

اسان جي همعصر ادب يعني اردو ادب ۾ بہ خودڪشيءَ جي موضوع تي ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا آهن، جڏهن تہ سنڌي ادب ۾ هن موضوع تي ٿورو گهڻو لکيو ضرور ويو آهي. آپگهات جي حوالي سان مشهور ليکڪ حليم بروهي پنهنجي ناول ”اوڙاهہ“ ۾ هڪ الڳ نقطو پيش ڪيو آهي، هو پنهنجي هڪ ڪردار زباني چورائي ٿو:

”آپگهات ڪرڻ جنسياتي خواهشن ڪي تڪميل تي پهچائڻ آهي، چو تہ آپگهات لاءِ بہ اها ساڳي چڪ محسوس ڪبي آهي،جيڪا ڪنهن عورت جي جسم تائين پهچائيندي آهي.“ (بروهي.2017ع.ص 120)

جيتوڻيڪ متي ڄاڻايل ڳالهہ هڪ ناول جي ڪردار جي سوچ آهي پر ٿي سگهي ٿو تہ ان ۾ سچائي هجي چو تہ خودڪشي ڪرڻ کان اڳ ۾ گهڻا ماڻهو ان جي رومانس ۾ ويڙهيل نظر ايندا آهن.

يعني آپگهات ڪرڻ وارو ماڻهو اهو عمل ڪرڻ لاءِ ايترو تہ اتاولو هوندو آهي جيترو ڪو عاشق پنهنجي محبوبا سان ملڻ لاءِ بي چين هوندو آهي.

سنڌي ادب ۾ ماڻڪ جي خودڪشي ايترو ئي حساس ۽ اهم معاملو آهي جيترو انگريزي ادب ۾ ارنيسٽ هيمنگوي جي آپگهات. ٻنهي جي زندگي ۽ موت

بابت هن وقت تائين گهڻو ڪجھ لکيو ويو آهي ۽ ايندڙ دور ۾ به يقينن ان بابت قلم کنيو ويندو. اها به هڪ اٽل حقيقت آهي ته جاٺايل ٻنهي ليکڪن جي زندگي ۽ حالتن ۾ گهڻو فرق آهي پر ٻنهي جي موت جو هڪ پاسو ملندڙ جلندڙ آهي. هيمنگوي به خودڪشيءَ کان اڳ بلڪل نيڪ هئو ۽ تفريح ۽ شوق خاطر شڪار ڪرڻ به ويو،پوءِ لان جيئن ئي موٽيو ته بندوق جو فائر ڪري پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيائين. هيمنگوي جو اهو فيصلو ڪو اوچتو نه هوندو پر ان کان اڳ هن پڪ سان خودڪشيءَ واري ڳالھ تي سوچيو هوندو. پنهنجي زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾ هو به ماٺڪ وانگر منجهيل منجهيل رهندو هئو.

ماٺڪ ۽ هيمنگوي جي زندگيءَ ۾ جيتوڻيڪ ڪا گهڻي هڪ جهڙائي نظر ڪو نه ٿي اچي پر ٻنهي جي خودڪشيءَ ۾ هڪ ڳالھ ساڳي نظر تي اچي ته ٻئي پاڻ مارڻ کان اڳ بلڪل نيڪ ناڪ هئا. مرڻ کان ٿورو وقت اڳ هيمنگوي شڪار ڪرڻ ويو هو ته وري منير ميڊيڪل اسٽور تي ويو هو، ان کان اڳ صبح جي پهر ۾ هو پنهنجي پُٽ علي سان راند کيڏيو، ريڊيو ٻڌائين،گهرواري سان ڳالھ ٻولھ ڪيائين ۽ پوءِ دوائن جي اسٽور تي هليو ويو،هو تقريبن 12 وڳي ڌاران گهر موٽي آيو ۽ زهريلي دوا پي آپگهات ڪري ڇڏيائين.

هتي هڪ ڳالھ اها به آهي ته ماٺڪ جنهن عمر ۾ خودڪشي وارو اهو قدم کنيو،اها عمر جذبات سان ڀرپور هوندي آهي. ان ئي عمر ۾ ڪي ماڻهو ٿوري ٿوري ڳالھ تي ٻين جو نقصان به ڪري وجهندا آهن، ته پنهنجو زيان ڪرڻ ۾ به دير ناهن ڪندا. عام ماڻهن وانگر اديبن جي لاءِ عمر جو اهو ڏهاڪو پڻ ڏاڍو منجهائيندڙ هوندو آهي،ان حوالي سان ڏنو وڃي ته ورجينا وولف، ايڊگر ايلن پو،ماياڪووسڪي ۽ ايلس واڪر سوڌو دنيا جي وڏن وڏن اديبن زندگيءَ کان بيزار ٿي ان ئي عمر ۾ خودڪشيءَ وارو قدم کڻي پنهنجي زندگيءَ جو انت آندو.

”خودکشی کرنے والے یا اپنے آپ کو اذیت دیکر ختم کرنے والے ادیبوں کی عمر کا جہاں تک تعلق ہے۔ تو کم و بیش تمام ادیبوں نے 22 سے 45 سال کی عمر کے دوراں خودکشی کی، سوائے ہیمنگوے اور سیفو کے جن کی عمر خودکشی کے وقت 50 سے زائد تھی۔“ (عباد.2009ع.ص356)

ماٺڪ به ان ئي عمر ۾ خودڪشي ڪئي. يقينا عمر جي ان حد ۾ ماڻهو گهڻو ڪري جذباتي ۽ آدرشي هوندو آهي. هو پنهنجي خوابن کي چڪناچور ٿيندي نه ڏسي سگهندو آهي،تنهن ڪري وڏي کان وڏو نقصان ڪرڻ کان نه ڪيٻائيندو آهي. بلڪ جذبات ۾ اچي پاڻ مارڻ جهڙو ڀهرو قدم به کڻي وڃندو آهي.ڪنهن جي نندي دڙڪي تي، ڪنهن

معمولي شڪست يا ناڪامي تي، ڪنهن ماڻهوءَ جي ڪاوڙ يا ناراضگيءَ تي هو پاڻ کي نقصان ڏيڻ ۾ دير ناهي ڪندو.ان حوالي سان ڊاڪٽر انوار احمد جو چوڻ آهي:

"ادیبوں کی زیادہ تر عہد شباب میں خود کشی کی ایک وجہ یہ بھی ہے۔ کہ انسان اس عمر میں عقل اور دلیل سے زیادہ جذبات کے زیر اثر ہوتا ہے۔ حقیقت کے بجائے خوابوں میں رہتا ہے۔ اِسی لیے ایسا کسی درمیانی صورت میں حال کے بجائے وہ انتہاپسندی کا راستہ اختیار کرتا ہے۔"(عباد.2009ع. ص357)

مٿئين اقتباس مان معلوم ٿئي ٿو ته گهڻا ماڻهو جوانيءَ واري دور ۾ انتهائي جذباتي ۽ خوابن ۾ يقين رکندڙ هوندا آهن. ليڪڪ ته وري عام ماڻهوءَ کان به وڌيڪ حساس هوندو آهي.هو پنهنجي خوابن جي دنيا کي اکين اڳيان ٽٽندي ڏسي نه سگهندو آهي ۽ جذبات جي ان وهڪري ۾ پنهنجو انت آڻڻ کان به ناهي مڙندو.اهڙي ئي نموني جي خودڪشي سنڌي ٻوليءَ جو نوجوان ليکڪ عرفان مهدي به ڪري چڪو هو.

ماڻڪ خودڪشي ڇالاءِ ڪئي؟ سنڌي ادب ۾ اهو سوال 80ع واري ڏهاڪي کان جواب طلب رهيو آهيپر اجان تائين ان سوال کي مڪمل طور تي حل ناهي ڪيو ويو. سنڌ جون ادبي تاريخون ڪهاڻيءَ ۽ ناول جي صنف ۾ ماڻڪ جي ادبي عظمت جو اقرار ڪندي ته نظر اچن ٿيون پر هن جي خودڪشيءَ واري معاملي تي فقط چند سٽون ئي لکيون ويون آهن. سنڌي ادب ۾ هن کان اڳ ۾ علامه آءِ آءِ قاضي جي وفات پڻ ڳجهارت بڻيل آهي.هو سنڌ جو تمام وڏو اديب ۽ مفڪر هئو پر ان جي وفات بابت تمام ٿورڙو لکيو ويو آهي ۽ اجان تائين اها ڳالهه واضح نه ٿي سگهي آهي ته هن جي وفات خودڪشي جو نتيجو هئي يا وري محض اتفاقي حادثو! ساڳئي طرح ماڻڪ جي خودڪشي به اجان تائين هڪ راز بڻيل آهي ۽ اهي حقيقتون سامهون نه اچي سگهيون آهن ته سندس پاڻ مارڻ جا سبب ڪهڙا هئا؟

هڪ ماڻهو جيڪو صبح تائين گهر ۾ پنهنجي ڪٽنب سان نيڪ ناڪ هجي ۽ روزمره جا عام رواجي ڪم به ڪري،اهو ماڻهو منجهند جو پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏي ته پوءِ پڪ سان اها هڪ منجهائيندڙ صورتحال آهي.ان حالت ۾ سندس موت جي سببن کي ڳولهي لهڻ سولي ڳالهه ڪو نه آهي.اهڙو شخص جيڪڏهن پنهنجي آپگهات جو ڪنهن کي به سبب ٻڌائي نه وڃي ته پوءِ حقيقتن تائين پهچڻ ڏاڍو مشڪل آهي ۽ خودڪشيءَ جي ڪارڻ بابت اندازا ئي لڳائي سگهجن ٿا. جڳ مشهور فلسفي البرٽ ڪاميو جي نظر ۾ خودڪشيءَ جو ظاهري سبب گهڻو اهم نه آهي،ڇو ته ان جو ڪو هڪ نه پر ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا. ڪاميو مطابق:

"خودکشی کی بهت سی وجوهات هوسکتی هیں اور ظاهری وجوهات زیادہ اهم نهیں هیں۔ غور وفکر کے دوراں شاید هی خودکشی کی گئی هو۔ جو چیز اس ذهنی بحران کو نمایاں کرتی هے جس پر قابو پانے کے لیئے ایک انسان اپنی جان کی قربانی دیتا هے وہ ایسی حقیقت هے جس کو لیبارٹری میں پرکها نهیں جاسکتا۔" (کامیو۔2013۔ ص14)

ڪاميو جي ان ڳالھ کي نظر ۾ رکي ايئن چئي سگهجي ٿو تہ ماٺڪ جي خودڪشيءَ جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا. انهن سببن کي ظاهر ڪرڻ جي هن وقت تائين ڪا بہ ڪوشش نہ ڪئي وئي آهي. عام طور تي اهو ئي ٻڌايو يا لکيو ويو آهي تہ ماٺڪ بيروزگاريءَ کان تنگ ٿي خودڪشي ڪئي، پر اهو مڪمل سچ نہ آهي.

ماٺڪ جي خودڪشي يقينا سنڌي ادبي لڏي لاءِ هڪ وڏو حادثو هئي.سنڌ جا وڏا اديب ۽ ڪهاڻيڪار سنڌس دوستي ۽ جاڻ سڃاڻ جي حلقي ۾ شامل هئا، جيڪي سنڌس خودڪشي ۽ ان جي ڪارڻن بابت گهڻو ڪجھ لکي پئي سگهيا پر ڪنهن بہ همعصر ليکڪ ان معاملي ۾ اڳڀرائي نہ ڪئي. ان حوالي سان انور پيرزادو بہ ساڳيو ئي الميو ظاهر ڪندي لکي ٿو: "ماٺڪ پنهنجو انت ڇو آندو؟ چئي نہ ٿو سگهجي ڇاڪاڻ تہ ان موضوع تي سنڌ ۾ تحقيق نہ ٿي آهي.علامہ آءِ آءِ قاضي جي زندگي جي پڇاڙي بہ ايئن ٿي، ڇو ٿي ؟ ان تي ڪا ريسرچ نہ ٿي آهي. جيڪڏهن انهن موضوعن تي ڪم ڪرايو وڃي تہ انوکيون حقيقتون سامهون اچي سگهن ٿيون. " (پيرزادو.2010ع. ص 175)

مٿئين اقتباس مان هڪ دلچسپ نقطو هيءُ بہ نروار ٿئي ٿو تہ هن موضوع بابت هر هڪ اديب جي سوچ اها هئي تہ ان بابت ڪو ٻيو اديب تحقيق ڪري. ان ڳالھ جو نتيجو اهو نڪتو تہ سنڌي ادب جي اهم ليکڪ ماٺڪ جي خودڪشي وارو معاملو اڻ ڇهيل ئي رهيو ۽ اهي محرڪ توڙي سبب لڪيل ئي رهيا، جنهن ڪري هن خودڪشي ڪري پنهنجي زندگيءَ جو انت آندو.

منير احمد عرف ماٺڪ سنڌي جي خودڪشيءَ جا ڪيترائي محرڪ ٿي سگهن ٿا. هن ڏس ۾ اهو چوڻ بلڪل بہ درست ۽ حتمي نہ ٿيندو تہ هن بيروزگاري سبب آپگهات ڪيو.جيتوڻيڪ اها ڳالھ پنهنجي جاءِ تي هڪ حقيقت آهي تہ زندگيءَ جي آخري ڏهاڙن ۾ هو نوڪري لاءِ پريشان ضرور هو،پر ان باوجود اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو تہ سنڌس آپگهات جو ڪارڻ فقط بيروزگاري نہ هئي،بلڪ ڪجھ ٻيا معاملا اهڙا بہ هيا جن گڏجي ڪري اهڙو ماحول ناهيو جو هن اڏول ۽ آدرشي ليکڪ کي خودڪشي واري واٽ وٺڻي پئي. ان حوالي سان سنڌس لکڻين ۽ ڏنل انٽرويوز جو نفسياتي جائزو وٺڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ ماٺڪ جي گهري خاموشي ۽ آپگهات واري عمل جو هڪ ممڪنہ سبب سنڌس اندر ۾ وينل خوف بہ ٿي سگهي

ٿو،جنهن جي ڪري هُو دوستن سان به پنهنجي حالتن ۽ ڪيفيتن جو کُليل اظهار نه ڪري سگهندو هو. هو ون يونٽ ۽ ان کان پوءِ ضياءُ الحق جي دور ۾ بنا ڊپ ڊاءَ جي دل کولي لکندو رهيو،اها ڪا معمولي ڳالهه نه هئي.عبدالقادر جوڻيجي چواڻي اهڙي دور ۾ لکڻ هڪ هٿ ۾ قلم ۽ ٻئي هٿ ۾ هٿ ڪڙي جي برابر هو:

“As fiction writer and playwright Abdul QadirJunejo once put it، writing under martial law is like holding a pen in one hand, and wearing a handcuff in the other “.“(daily times.com)

اهڙي سنگين صورتحال ۾ به ماڻڪ سنڌين ۽ بنگالين جي حقن بابت وڏي بهادريءَ سان لکندو رهيو ۽ ڪهاڻين جي ڪردارن وانگر پاڻ به ڀوڳيندو رهيو. هن جيڪو ڪجهه لکيو اهو سندس اندر جي ترجماني ئي ته هئي. سندس ڪهاڻين ۽ ناولن جا ڪردار جنهن ڀوڳنا مان گذرن ٿا،اها پيڙا سندس اندر مان ٿي نڪتي. هن پنهنجي دل جو سچو خوف ڪهاڻين جي ڪردارن ذريعي ظاهر ڪيو.عدم تحفظ واري صورتحال، سنڌي ٻوليءَ جي ميسارجڻ جا خدشا،سنڌ جي شهرن ۾ ڌرتي ڌڻين جي بي وسي،مطلب ته ون يونٽ ۽ مارشل لا جهڙين بدترين حالتن ۾ به ماڻڪ پنهنجي لکڻين ذريعي انقلابي خيالن جو وڏي واڪي اظهار ڪندو رهيو. تنهن ڪري اها ڳالهه يقين سان ڪجي ٿي ته اهڙيون لکڻيون لکڻ کان پوءِ هُن تمام گهڻو ڀوڳيو به هوندو. جيئن ڪهاڻي ” حويليءَ جا راز“ لکڻ کان پوءِ کيس موتمار ڌمڪيون ڏنيون ويون ۽ گارين سان ڀريل خط لکيا ويا. ان ڪري منير جي زندگيءَ سان لاڳاپيل انهن حالتن کي به نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. هن جنهن گهرائيءَ سان پنهنجي ناولن توڙي ڪهاڻين ۾ عدم سلامتي ۽ خوف خطري جو اظهار ڪيو آهي، تنهن کي پڙهي محسوس ڪري سگهجي ٿو ته اها سندس ذاتي ڪيفيت هئي،جنهن کي هن ڪردارن جي زباني بيان ڪيو. ماڻڪ جي خودڪشيءَ جو سڀ کان وڏو سبب عدم تحفظ ۽ سنڌي ماڻهن سان ٿيندڙ ويڌن هئي. سنڌي ٻوليءَ تي حملا، شهرن تي قبضا، پناهگيرن جا فساد، وڏيرن پاران عام ماڻهن تي ظلم جا پهاڙ ڪيرائڻ،اهڙين حالتن ۾ ماڻڪ چاهيو پئي ته هو باغي بڻجي ظلمتن جي ڪاري رات جو خاتمو آڻي پر چوڌاري پيدا ٿيل غير سلامتي وارن حالتن سندس ذهن ۾ ايترو خوف ڀري ڇڏيو جو هو حوصلا هاري وينو ۽ ائين هن لاءِ خودڪشيءَ جي راهه هموار ٿي. تنهن ڪري اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته ماڻڪ جي آپگهات پٺيان انهن خراب سياسي حالتن جو وڏو هٿ آهي،جن سندس ذهن ۾ ڊپ ۽ عدم سلامتي واري احساس کي هٿي ڏني. عام طور تي ڏنو ويو آهي ته اديبن جي خودڪشيءَ جا سياسي سبب به هوندا آهن، اهي حڪومتن جي عتاب ۽

دٻاءَ هيٺ رهي زندگيءَ مان تنگ ٿي آخر اهو قدم کڻندا آهن. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر وحيد قريشي جي هيءَ راءِ اهميت جوڳي آهي :

"ادیبوں میں خودکشی کی ایک وجہ سیاسی بھی رہی ہے۔ حکومت کے زیر عتاب ہوتے ہوتے ان کی تخلیقات کا نہ چھپ سکنا اور پھر عدم تحفظ کی فضا محسوس کرتے ہوئے بھی ادیبوں نے خودکشی کا راستہ اختیار کیا۔"
(عباد.2009ع.ص348)

ان دور جون حالتون به اهڙيون اڻ وڻندڙ هيون جو هڪ حساس ليکڪ جو جيئڻ جنجال بڻجي ويو. ماڻڪ کي جوانيءَ ۾ قدم رکندي ئي انتهائي ڏکين حالتن جو مقابلو ڪرڻو پئجي ويو.ون يونٽ جو ڏاڍ ڏهڪاءُ، بنگال وارو سانحو، ذوالفقار علي ڀُٽي کي ڦاهي ۽ ان کان پوءِ جو آمريتي دور، جنهن ۾ عام ماڻهن جي لاءِ ڦاهين ۽ ڦٽڪن جا تحفا، انهن حالتن هن کي ڊپجاري ڇڏيو. بحيثيت هڪ سڄاڻ اديب هو انهن حالتن کان منهن موڙي نه پئي سگهيو. سنڌي اديبن جي ڊگهي قطار ۾ هو واحد ۽ اڪيلو ليکڪ هو جيڪو قول ۽ فعل جو پڪو هئو.هو پاڻ ذاتي طور تي انهن ماڻهن کان سخت نفرت ڪندو هو، جيڪي قول ۽ فعل ۾ تضاد رکندا هئا. ان کان علاوه ماڻڪ جي هڪ وڏي خوبي اها به هئي ته هو ان وقت جو سڀ کان وڏيڪ عالمي ادب پڙهي ويندڙ سنڌي ليکڪ هو، جنهن ڪافڪا، ڪاميو،سارتر ۽ شوپنهار سوڌو عالمي ادب جي تقريبا سيني وڏن ليکڪن جي لکڻين جو مطالعو ڪيو هو.ان مطالعي جي جهلڪ سندس لکڻين ۾ پڌري آهي. ساڳئي طرح هو عالمي ادب جي تحريڪن ۽ لاڙن کان به پليءَ پت واقف هو.ڪيس اهو پڻ اعزاز حاصل هئو ته هو انهن ليکڪن منجهان هڪ هئو جن سنڌي ادب ۾ وجوديت ۽ شعوري وهڪري وارن لاڙن کي متعارف ڪرايو. ان ڏس ۾ ماڻڪ سنڌي ادب ۾ وجودي فڪر جو ترجمان ليکڪ پڻ هئو ۽ سندس لکڻين ۾وجودي فڪر جي جهلڪ ڏسي سگهجي ٿي. خاص طور تي سندس ناوليٽ "پاتال ۾ بغاوت" ۾ سسيفس ۽ زيوس ديوتا جي ڳالهه ۽ ڪاميو کان متاثر ٿيل نظر اچي ٿي. ان حوالي سان هو ڪاميو CAMUSجي ABSURDISM واري فڪر کان پڻ متاثر ٿيو، جنهن جو اثر هن جي تخليقن سان گڏ سندس ذاتي زندگيءَ تي به پيو.ڪاميو موجب دنيا ۽ ماڻهو وچ ۾ بنيادي مسئلو اهو آهي ته اسان هن ڪائنات کان ڇا ٿا گهرون ۽ هن ڪائنات ۾ اسان کي ڇا ٿو ملي؟

ماڻڪ جي خودڪشي پويان هڪ سبب (زندگيءَ جو واهيات پڻو) absurdity of lifeجو به نظر اچي ٿو، ڇو ته ان وقت تائين مختلف واقعن ۽ حادثن هن جي زندگيءَ ۾ زهر پري ڇڏيو هئو. ماڻڪ وجودي فڪر جو پوئلڳ، سارتر ۽

ڪاميوجي خيالن کان متاثر هئو.سارتر جي خيال مطابق ماڻهو دنيا ۾ فقط ڏک ڏسڻ ئي آيو آهي.ماڻهوءَ جي زندگي جڏهن هڪ ئي روزاني معمول ۾ هلڻ لڳي ٿي تہ سندس زندگيءَ ۾ ويڳاڻپ ۽ مايوسي جو عمل دخل شروع ٿيو وڃي.اهڙيءَ حالت ۾ ماڻهو پنهنجي حياتي کان تنگ ٿي آپگهات وارو قدم کڻندو آهي.

جيئن ڪاميو چيو آهي تہ ماڻهوءَ جي خودڪشيءَ پويان هڪ نہ پر ڪيترائي سبب ٿيندا آهن، ايئن ماٽڪ جي پاڻ مارڻ پويان بہ ڪيترائي سبب آهن. بيروزگاري، اندر ۾ خوف،بي يقيني واري صورتحال، بديءَ وارين قوتن جيُ اِهه زورائي ۽ پنهنجي زندگيءَ جي مقصد ۾ ناڪامي سيني گڏجي ڪري هن لاءِ پنهنجي موجودگيءَ واري فلسفي تي ٻڌل خودڪشي Existential suicide لاءِ راهه هموار ڪئي، جنهن کي پهريون پيرو حيقيقي رنگ ۾ پيش ڪرڻ جو اعزاز بہ البرٽ ڪاميو کي ئي حاصل آهي.

"اس کی رو سے جب زندگی میں بوریت زیادہ ہو جائے۔ اس میں ترقی اور خوشحالی کے امکانات ختم ہونے لگیں ۔ ہر شے بے معنی نظر آئے۔ تو بعض لوگ موت کو زندگی پر ترجیح دینے لگتے ہیں، بعض دانشوروں( بیلاءِ پوئل) کی خودکشی پر مبنی اموات کو مفکرین اسی زمرے میں لیتے ہیں۔" (عباد.2009.ص4)

ماٽڪ جي زندگيءَ جي آخري ڏينهن بابت مليل مواد ۽ ڄاڻ جو جائزو وٺڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ هو پنهنجي زندگيءَ جي مقصد کي وڃائي وينو هو ۽ وٽس جيئڻ جي اميد باقي نہ رهي هئي،تنهن ڪري هن آپگهات جهڙو انتهائي قدم کنيو، جنهن جي لاءِ هن ڪيترو وقت اڳ ئي سوچي ڇڏيو هو.مير ٿيٻي موجب:

"انهيءَ تسلسل ۾ مون هڪ ڏينهن ڪائنس پڇيو: منير جيڪڏهن تون زندگيءَ ۾ ناڪام ٿئين تہ ؟ هڪدم وراڻيائين،پاڻ کي ماري ڇڏيندس، اهو جواب ايترو تہ سنجيدگيءَ سان ڏنائين جو مان حيرت ۽ ڏک ۾ خاموش ٿي ويس." (ٿيٻو.1993ع.ص 60)

هتي اها ڳالهه بہ غور طلب آهي تہ هن پنهنجي ويجهي دوست مير ٿيٻي کي زندگيءَ ۾ ناڪامي جي صورت ۾ جيترو جلدي سان جواب ڏنو هو. ايتري ئي جلدي ۾ هن خودڪشي ڪري بہ ڇڏي، جڏهن کيس پڪ ٿي تہ هو زندگيءَ جي مقصد ۾ ناڪام ويو آهي. ماٽڪ جي نظر ۾ هو پنهنجي حياتيءَ جو ڪارج وڃائي چڪو هو. سوچ، سمجهہ ۽ ڌيان کان خالي زندگي گذارڻ لاءِ، کيس ٽن ويلن جي ماني ۽ مٿي ڇانو ملي پئي سگهي پر سنڌي قوم جي ساڃاهہ وند فرد جي حيثيت ۾ کيس گهٽو ڪم ڪرٽو هئو، جيڪو هو عملي طرح نہ پئي ڪري سگهيو. سندس چوطرف خوف خطري واريون اهڙيون حالتون هيون، جن ۾ هن پنهنجو

ساھ منجھندي محسوس پئي ڪيو. حالتن جي گھرج ھئي تہ ماڻڪ لکڻ ڪان سواءِ عملي طور بہ اڳتي اچيپر آس پاس جي حالتن ڪيس ڊيجاري ڇڏيو.اھڙي ڪنن صورتحال ۾ ماڻڪ جي لکڻين جو نہ ڇپجڻ ۽ پبلشرن جي ڪوٺ بہ ھن لاءِ وڏو مسئلو بڻجي پئي.ھڪ ليکڪ ڏينھن رات نور نچوئي لکندو رھي پر سندس لکڻيون ڇپجڻ ڪان رھجي وڃن،اھا پريشاني بہ ليکڪ ڪي مايوسيءَ جي اوندھ ۾ ڌڪڻ لاءِ ڪافي آھي.مطلب تہ ان سڀني ڳالھين گڏجي سندس آپگھات لاءِ رستو ھموار ڪيو. ھڪ رپورٽ موجب ھينين ڳالھين مان ڪا بہ ھڪ ماڻھوءَ جي خودڪشيءَ جو سبب بڻجي سگھي ٿي.

ڪيريئر ۾ ناڪامي، گرفتاري يا قيد ۾ وڃڻ، سخت تشدد ٿيڻ يا عزت مجروح ٿيڻ،معاشي مسئلا، دوستاڻي ۽ رومانوي تعلقن جي پڄاڻي، نوڪري ھلي وڃڻ ۽ سماجي رتبي جي گھٽتائي وغيره. ماڻڪ جي زندگيءَ تي نظر وجھڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ مٿي ڄاڻايل ڳالھين منجھان گھڻيون ئي سندس زندگيءَ جو حصو بڻجي چڪيون ھيون.

ھن سڄي بحث مان اھو نتيجو ڪڍي سگھجي ٿو تہ ماڻڪ ھڪ حساس ۽ با شعور ليکڪ ھو. ھن وٽ زندگيءَ جي ھڪ معنيٰ ھئي، ڪنھن مقصد ڪان سواءِ زندگي ھن لاءِ بيڪار ۽ فضول شيءِ ھئي.ھو وجودي مفڪرن سارتر ۽ ڪاميو ڪان گھڻو متاثر ھو.وجوديت موجب زندگي وھندڙ پاڻيءَ وانگر متحرڪ آھي ۽ انسان جي زندگيءَ جو ڪو طئہ ٿيل مقصد ڪو نہ آھي. اھو فرد تي ئي رکيل آھي تہ ھو پنھنجي حياتيءَ کي ڪا معنيٰ ڏئي. جڏھن فرد جي زندگي ھڪ ھنڌ بيھجي ٿي وڃي تہ ھو بي چيني،مايوسي ۽ ويڳاڻپ جو شڪار ٿيو وڃي،اھا ڪيفيت ڪيس آپگھات ڏانھن وني وڃي ٿي. ماڻڪ حد درجي جو آدرشي انسان ھو. وٽس ٽڪي جي بہ منافقت ۽ مفاھمت ڪانہ ھئي، ھو پنھنجي مقصد سان ايترو سچو ھئو جو وٽس فقط بہ واٽون ھيون، پنھنجي مقصد ۾ ڪاميابي _ بي صورت ۾ ايذائيندڙ موت.حالتن سان سمجھوتو ڪرڻ سندس وس جي ڳالھ نہ ھئي. ھڪ انٽرويو ۾ پاڻ ئي تہ چيو ھيائين:

"بہ واٽي تي بيٺل،

يا تہ باغي ٿيءُ ليران،

يا تہ صبح جو سج ليري تہ منھنجو مُئل _ اڻ ساھو وجود ڪٺ تي پيل ھجي /ڪنھن ايڪسيڊنٽ ۾ ختم ٿي وڃان." (سنائي.2004ع.ص 384)

ماڻڪ پنھنجي ڪھاڻين جي ڪردارن وانگر باغي بڻجڻ پئي چاھيو. ادب ۾ ھو اھڙو ڪردار خوب سرانجام ڏئي رھيو ھوپر سندس چوڌاري جھڙي قسم

جي گهٽ پوسٽ چانيل هئي،تنهن ۾ فقط لکڻ به ڪافي نه هو. هڪ باشعور فرد جي ناتي مٿس لکڻ کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون ذميواريون هيون.اهڙن ئي خيالن جو اظهار هن پنهنجي هڪ مضمون ۾ هن طرح ڪيو هو:

”جنهن حالتن مان اسان گذري رهيا آهيون، تن ۾ ادب، نِلهو ادب پيدا ڪرڻ ئي سڀ ڪجهه نه آهي پر هڪ ساهه پساهه کڻندڙ، سرت رکندڙ ۽ ساجاهه پريو ذهن رکندڙ جي حيثيت سان اسان تي ٻيون به گهڻيون ذميواريون پون ٿيون.“ ( سنائي.2004ع. ص 09)

اهڙين ڏکين حالتن ۾ جڏهن هڪ باشعور ماڻهو پنهنجي ذميواري نه نڀائي سگهي ته اها بي وسي زندگيءَ کي تڇ بڻائي ماڻهوءَ جي من ۾ ان لاءِ نفرت پيدا ڪري ٿي.

مٿئين اقتباس مان واضح ٿئي ٿو ته ماڻڪ جڏهن ادبي دنيا کان ٻاهر پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ هڪ باغي طور اُڀرڻ ۾ ناڪام ٿي ويو،تڏهن هُن کي پنهنجي زندگيءَ کان ٻُچان ٿيڻ لڳي ۽ پنهنجي حياتيءَ جو انت آڻي ڇڏيائين. ماڻڪ جي شخصيت ۽ سندس لکڻين جو اڀياس ڪرڻ سان اها ڳالهه سامهون اچي ٿي ته هو ڪيترو وقت اڳ ئي پنهنجي آپگهات جي باري ۾ سوچي ۽ فيصلو ڪري چڪو هئو. سندس آس پاس جيڪي واقعا ۽ حادثا ٿي رهيا هيا هئا، تن ڪيس ڏيڄاري ڇڏيو هو. ان گهٽ پوسٽ واري ماحول ۾ به هن زندگيءَ سان گهڻو ئي نڀاهڻ جي ڪوشش ڪئي،جنهن جو فقط هڪ ئي سبب سندس پٽ علي ميمڻ ٿي سگهي ٿو،جنهن سان بي انداز پيار ڪندو هئو.ماڻڪ ڪيترا سال جيئڻ جا بهانا ڳوليندو رهيو پر عدم تحفظ واري صورتحال سندس ساهه گهٽيندي رهي.بقول نصير مرزا:

”پنهنجي ناول ساهه مٺ ۾ جي نائڪ وانگر هن کي به شڪ هو ته ڪو ماڻهو هن کي فالو پيو ڪري. ڪو نامعلوم شخص هن جي پويان آهي. ۽ هن سان ڳالهائيندي اوچتو لڳندو هو ته هو زنده رهڻ لاءِ ڪنهن justification جي ڳولها ۾ آهي.“ (مرزا.2001ع.ص 397)

ائين جڏهن هن کي پنهنجي مقصد ۾ ناڪامي جي مڪمل پڪ ٿي وئي،تڏهن مير ٿيبي سامهون چيل لفظ ۽ ظفر عباسي کي ڏنل انٽرويو ۾ ڪيل ڳالهه صحيح ثابت ڪري ڏيکاريائين. ان حوالي سان هڪ اهم ڳالهه اها به آهي ته گهڻن واقعن ۾ اهو ڏٺو ويو آهي ته جيڪي ماڻهو خودڪشيءَ جي ڳالهه ڪندا آهن سي اهڙو انتهائي قدم ضرور کڻندا آهن:

“In a recent study of seventy one completed suicides ,more than half the victims had clearly committed their suicides intent within three months before the fatal… “ ( abnormal psychology. 1972. P 243)

منير احمد عرف ماڻڪ خودڪشي جي نيت گھڻو وقت اڳ ظاهر ڪرڻ باوجود جيئڻ جا بهانا تلاش ڪندو رهيو. هتي اها ڳالهه پڻ غور طلب آهي ته عام طور تي آتم هتيا واري ان قدم کي بزدلاڻو عمل سمجهيو ويندو آهي ۽ اسلام سميت دنيا جا تقريبا سڀ مذهب ان فعل کي درست نه ٿا سمجهن.پرمفڪر شوپنهار جي نظر ۾ خودڪشي ماڻهو جو بنيادي حق آهي.هو جڏهن به زندگيءَ مان تنگ ٿي وڃي ٿو ته هن کي پنهنجي زندگي ختم ڪرڻ جي مڪمل آزادي هجڻ گهرجي.

“They tell us that suicide is the greatest piece of cowardice : that only a mad man could be guilty of it.” (عباد.2009ع. ص 53)

شوپنهار زندگيءَ کي مسئلن ۽ مشڪلاتن جي سفر کان سواءِ ٻيو ڪجهه نه ٿو سمجهي. سندس نظر ۾ زندگي ڏاڍ، ڏهڪاءُ ۽ جبر جو ٻيو نالو آهي. ان ڪري هو ان ڳالهه تي زور ٿو ڏئي ته اهڙين ڏکين حالتن ۾ رهڻ بدران جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ ئي پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻي ٿو ته اهو سندس پيدائشي حق آهي ۽ مذهب يا ڪنهن ٻي ڌُر کي ان تي اعتراض ڪرڻ نه گهرجي. ماڻهو کي پنهنجي زندگي ۽ موت تي پورو پورو اختيار هئڻ گهرجي.

”شوپن ہار خود کشی کے عمل کو انسانی زندگی میں اس لیئے اہم سمجھتا ہے کہ انسان دکھوں سے بھرپور زندگی سے پاچھٹکارالیلیہ۔ ے خود کشی سے بہتر کوئی اور راستا نھیں پاتا۔ جب انسان تکلیف اور آزاری کی حالت میں ہوتا ھے تو مذہب، اخلاق، سماج اور احباب کوئی بھی اس کی تکلیف رفع نہیں کرتے۔ اور اگر انسان اس حالت میں خود کشی کر کے اس آزار سے نجات پالے۔ تو سماج اور مذہب کو کوئی حق نہیں پہنچتا کہ خود کشی کرنے والے شخص کو مجرم یا بزدل کہیں۔“ (عباد.2009ع.ص55)

بحرحال ماڻڪ جي جوانيءَ واري عمر ۾ خودڪشي سنڌي ادب ۽ ان جي خاندان لاءِ هڪ وڏو الميو هئي.ان ڏس ۾ ان عمل جو سچو ڏوهه هن مٿان نه ٿو ڏئي سگهجي ڇو ته سندس چوڌاري اهڙين حالتن جو جار وڇايو ويو هو، جنهن ڪري هو خودڪشيءَ واري انتهائي قدم کڻڻ لاءِ مجبور ٿيو. ماڻڪ پنهنجي ڪهاڻيءَ ”وقتائتو موت“ ۾ جڻ پنهنجي ئي زندگيءَ جي المياتي ڪٿا کي بيان ڪيو آهي،جنهن ۾ هڪ نوجوان بيروزگاري ۽ مايوسي واري حالتن سبب پنهنجي زندگيءَ جو خاتمو آڻي ڇڏي ٿو.

”مري ويو.

خبر ناهي،ڪيس مرڻ گھربو هو يا نہ، بهرحال مري ويو. اوچتو صبح جو مئل ڏنائون.جيتوڻيڪ اهو وهم ۽ گمان ۾ بہ ڪونہ هو،تہ ڪو ايئن،انهيءَ عمر ۾،اوچتو مري ويندو.رات تائين بنهہ چاق چڱو ڀلو هو.“ (سنائي،2004ع. ص 103)

مٿين سٽن کي پڙهڻ کان پوءِ ايئن ٿو لڳي تہ جڻ ماڻڪ اهي سٽون پنهنجي انت بابت ئي لکيون هيون. هو صبح جي وقت بلڪل ٺيڪ ٺاڪ هئو ۽ منجهند جو جڏهن گهر آيو تہ ڪيس پنهنجي بستر تي موت واري حالت ۾ ڏٺو ويو. سندس موت جي حوالي سان ڪنهن کي وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هوندو، چو تہ اجان سندس جوانيءَ وارا ڏهاڙا ئي تہ هئا جو هو زندگي کي الوداع ڪري وڃي موت سان ملاقاتي ٿيو.ماڻڪ جي ڪهاڻي ”وقتائتو موت“ يا سندس انٽرويو کي پڙهي ڪري اهو نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو تہ هو آپگهات بابت فيصلو گهڻو وقت اڳ ڪري چڪو هئو،جنهن جو اظهار هو پنهنجي لکڻين ۾ ڪري چڪو هئو،ان حوالي سان انعام الرحمان سحري موجب ڪوئي بہ شخص خودڪشي ڪرڻ کان اڳ ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان ان جو اظهار ضرور ڪري ويندو آهي.

”خودکشی کے مرتکب ہونے والے خودکشی کے عمل کی تکمیل تک کسی نہ کسی طرح اپنے ارادوں کا اظہار کر دیتے ہیں، شخصیت خواہ کتنی بھی پراسرار کیوں نہ ہو اس کو سرانجام دینے سے قبل کچھ ایسے اشارات ضرور چھوڑ جائے گی کہ خاص سمجھ بوجھ رکھنے والے ماہرین یہ نتیجہ اخذ کرلیں گے کہ متعلقہ شخص اپنی جان کے درپے ہے۔“ (سحري. 1988ع.ص39)

ان حوالي سان ڏٺو وڃي تہ ماڻڪ پنهنجي ڪردارن جي ذريعي، مير ٿيٻي سان ڪيل ڳالهہ ٻولهہ ۽ ظفر عباسيءَ کي ڏنل انٽرويو ۾ اهڙن خيالن جو اظهار ڪري چڪو هئو.اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ سندس ڪهاڻين جا گهڻا ڪردار خودڪشي بابت سوچ ويچار ڪن ٿا،ڪي حالتن هٿان هارائجي پنهنجي زندگيءَ جو خاتمو بہ ڪري ڇڏين ٿا،جنهن مان هن جي نفسياتي حالت ۽ خودڪشي ڏانهن لاڙي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

ماڻڪ جو موت سندس چاهيندڙن توڙي ادبي لڏي لاءِ ڪو معمولي حادثو ڪو نہ هئو، ان خبر ٻڌڻ سان گهڻا ئي ليکڪ بي حال ٿي پيا. ابدي وڇوڙو يا موت هونئن بہ ڏکدائڪ هوندو آهي. وڇڙڻ وارو جڏهن جوان هجي ۽ هن اجان زندگيءَ جي بهارن کي پوريءَ طرح ماڻيو ئي نہ هجي تہ پوءِ اهو ڏک هڪ گهاءُ بڻجي پوندو آهي.

## حوالا:


1. R.E ALLEN, (editor) the concise oxford dictionary of current English, new edition for 1990s, eighth, edition, clarendon press oxford,1990 p 1220
2. روزاني ڪاوش حيدرآباد.10 آڪٽوبر 2018 ع
3. .نظاماڻي. رئوف.جديد سنڌي ڪهاڻي ,ڪراچي:اندس پبلشرز. 2003 ع.ص 49
4. روزاني ڪاوش حيدرآباد.10 سيپٽمبر 2018 ع
5. البرٹ,کامیو۔خودکشی۔لاھور:بک ھوم۔2013ع۔ص14
6. بروهي،حليم.اوڙاهه، ڪنڌيارو: روشني پبليڪيشن،2017 ع، ص 120
7. صفیہ,عباد،ڈاکٹر،راگ رت،خواہش مرگ اور تنہا پھول،اسلام آباد:نیشنل بک فاونڈیشن،2009ع،ص356
8. حوالو ساڳيو. ص 357
9. البرٹ،کامیو۔خودکشی۔لاھور:بک ھوم۔2013ع۔ص14
10. پيرزادو،انور.جديد سنڌي ادب، ڪراچي :انور پيرزادو اڪيدمي. 2010 ع، ص 175
11. https// daily times.com pk2426/the space gave us to breath our last dated 17-08-2018
12. صفیہ,عباد،ڈاکٹر،راگ رت،خواہش مرگ اور تنہا پھول،اسلام آباد:نیشنل بک فاونڈیشن، 2009ع،ص348
13. حوالو ساڳيو، ص 04
14. ٽيبو، مير.مضمون،ماڻڪ پهرئين ملاقات کان آخري تائين، ماهوار سارس ڪراچي، آگسٽ 1993 ع،ص 60
15. سنائي،ناز.(مرتب) ماڻڪ مٺ سندوم،حيدرآباد:سنڌي ساهت گهر،2004 ع، ص380
16. حوالو ساڳيو. ص 09
17. مرزا، نصير.خيمي ۾ شام،حيدرآباد : دوستي پبليڪيشن، 2001 ع، ص 397
18. Lauren b. alloy ,john accocella, abnormal psychology, seventh edition, U.S.A. 1972 p, 243
19. صفیہ عباد،ڈاکٹر،راگ رت،خواہش مرگ اور تنہا پھول،اسلام آباد، نیشنل بک فاونڈیشن، 2009ع،ص53
20. حوالو ساڳيو ص 55
21. سنائي،ناز.(مرتب) ماڻڪ مٺ سندوم،حيدرآباد:سنڌي ساهت گهر،2004 ع، ص380
22. حوالو ساڳيو. ص 103
23. ۔سحری،انعام الرحمان،خودکشی ایک مطالعہ،لاھور،سنگ میل پبلیکیشنز،1988ع،ص39